امير اهل سنت دامت برکاتھم العالیہ جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# لوح محفوظ

## جي باري ۾ دلچسپ معلومات

سنڌي

لوح محفوظ جي بناوت

دوست ڪنهن کي بڻايون؟

امام شافعي جي اصلاح جو انداز

70 بيمارين کان شفاء


شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

# لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات

ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:
ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفیٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو”لوح محفوظ جي باري ۾ دلچسپ معلومات“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي علم ۽ عمل جي دولت کان نواز ۽ ان جي والدين ۽ خاندان سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سيني ڪان ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هوش سنڀاليندي ئي تقريباً هر مسلمان لوحِ محفوظ جو نالو ٻڌو هوندو پر سيني کي لوح محفوظ جي باري ۾ معلومات هجي هي ضروري ناهي، اچو تہ! معلوم

1 هي مضمون اميراهل سنت جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان کنيو ويو آهي
2 ترمذي شريف جلد1 ص27، حديث:484

ڪيون ٿا تہ لوح محفوظ چا آهي. لوح محفوظ جو تذڪرو ڪندي اللّٰه تبارڪ و تعالٰي سيپاري 30 سورة البروج آيت نمبر 21 ۽ 22 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| ترجمو ڪنزالايمان: بلڪ اهو ڪمال شرف وارو قرآن آهي لوح محفوظ ۾ | بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿۲۱﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿۲۲﴾ |
| --- | --- |

حضرت علامہ محمد بن احمد انصاري قُرطبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسير قُرطبي جلد 10 صفحي 210 تي انهن آيتن جي حوالي سان لکن ٿا: يعني قرآن ڪريم هڪ لوح تي لکيو ويو آهي جيڪو شيطان جي پهنچ کان باهر آهي، اللّٰه پاڪ وٽ محفوظ آهي، علماء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم لکن ٿا: لوحِ محفوظ ۾ مخلوق جا سيئي قسم ۽ ان جي باري ۾ تمام معاملا مثلاً موت رِزق، اعمال ۽ ان جا نتيجا ۽ ان تي نافذ ٿيڻ وارن فيصلن جو تفصيل سان بيان آهي.[1]

## لوح محفوظ ڪٿي آهي؟

حضرت مُقاتِل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: لوح محفوظ عرش جي ساڄي پاسي آهي.[2]

## لوح محفوظ سفيد موتين سان ٺهيل آهي

حضرت ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ اللّٰه پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لوح محفوظ سفيد موتين سان

[1] --- تفسير قُرطبي ج 10 ص 210
[2] تفسير قُرطبي ج 10 ص 210

نهيل آهي، ان جو قلم نور ۽ ڪتابت (يعني لکائي) بہ نور آهي.[1]

## سڀ ڪان پهريان لوح محفوظ ۾ ڇا لکيو ويو؟

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُمَا فرمايو: اللّٰه پاڪ سڀ ڪان پهرين شيءِ لوحِ محفوظ ۾ لکي تہ مان اللّٰه آهيان مون کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو مستحق ناهي! محمد (صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجا رسول آهن، جنهن منهنجي فيصلي کي مڃيو ۽ منهنجي نازل ڪيل مصيبت تي صبر ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪيو تہ مون ان کي صديق لکيو آهي، ۽ ان کي صديقن سان گڏ اٿاريندس ۽ جنهن منهنجي فيصلي کي نہ مڃيو ۽ منهنجي نازل ڪيل مصيبت تي صبر نہ ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا نہ ڪيو اهو منهنجي علاوه جنهن کي چاهي پنهنجو معبود بڻائي وٺي.[2]

## توهان نفس جي پويان لڳي ويا آهيو!

حَجّاج بن يوسف حضرت محمد بن حَنفِيہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ کي ڌمڪين وارو خط موڪليو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ جواب ۾ لکيو: مون تائين اها روايت پهتي آهي تہ اللّٰه پاڪ هر ڏينهن لوح محفوظ تي ٽي سؤ سٺ ڀيرا نظر فرمائيندو آهي ۽ اهو عزت ۽ ذلت ڏيندو آهي، تنگي ۽ فراخي (يعني ڪشادگي) فرمائيندو آهي ۽ اهو جيڪو

---

[1] ماخوذ از حليةُ الاولياء ج 4 ص 338 رقم 5767
[2] تفسير قرطبي ج 10 ص 210

چاهي ڪندو آهي شايد ان نظرن مان هڪ نظر توکي تنهنجي نفس سان اهڙو مشغول ڪري ڇڏيو آهي جو تون ان مان فراغت ئي نٿو ماڻين.[1]

## قيامت تائين ٿيڻ واري هر ڳالهه لوح محفوظ ۾ لکيل آهي

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا فرمايو: الله پاڪ لوح محفوظ کي پيدا فرمايو، ان جي ديگهه هڪ سؤ سال جي مَسافت (يعني دوري) هئي پوءِ ان مخلوق کي پيدا ڪرڻ کان پهريان قلم کي فرمايو تہ منهنجي مخلوق جي باري ۾ منهنجو علم لکي ڇڏ، پوءِ ان قيامت تائين ٿيڻ وارو سڀ ڪجهه لکي ڇڏيو.[2]

## ”لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ“ جي گواهي ڏيڻ وارو جنت ۾ داخل ٿيندو

حضرت اَنس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ لوح محفوظ ۾ لکيو: ”اِنِّیۡۤ اَنَا اللہُ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّاۤ اَنَا“ بيشڪ مان الله آهيان ۽ مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي مون ٽي سؤ ڏهہ کان ڪجهه وڌيڪ (قسمن جي) مخلوق پيدا فرمائي، ان مان جنهن مخلوق بہ هي شهادت ڏني ”لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ“ اها جنت ۾ داخل ٿيندي.[3]

---

[1] تفسير قرطبي ج 10 ص 210
[2] العظمة لابي الشيخ ص 86 رقم 223
[3] تفسير دُرمنثور ج 8 ص 472

## جنت جو حقدار ڪير؟

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو: لوح محفوظ تي لکيل آهي الله پاڪ کانسواءِ ڪو معبود ناهي، ان جو دين اسلام آهي ۽ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن، جنهن ان تي ايمان آندو ۽ ان جو واعدو سچو ڪيو ۽ ان جي رسولن جي اتباع (يعني پيروي) ڪئي ته الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو.[1]

عَجَب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے
جو نَقشِ پا کا لگاؤں غُبار آنکھوں میں[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پٽ پيدا ٿيڻ جي بشارت

حضرت شاهه وليُّ الله مُحَدِّثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته منهنجا والد محترم حضرت شاهه عبدالرحيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيري حضرت خواجه قطبُ الدّين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار جي زيارت جي لاءِ ويس، انهن جو روح مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ فرمايو: توهان وٽ هڪ پٽ پيدا ٿيندو ان جو نالو قطب الدين احمد رکجو. جيئن ته گهرواريءَ پوڙهي ٿي چڪي هئي ان ڪري مون خيال ڪيو شايد ان ارشاد مان مراد پٽ جو پٽ يعني

[1] تفسير بغوي ج 4 ص 441
[2] ساماِنِ بخشش

پوٽو هجي، حضرت خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي انهي دلي خيال تي فوراً مُطّلع ٿيا ۽ فرمايائون: منهنجي هي مراد نه آهي بلڪ اهو فرزند اوهان جي صُلب (يعني پُٽ) مان ٿيندو، شاهه وليُّ الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: والد محترم هڪ عرصي کان پوءِ ٻي عورت سان عَقد (يعني نڪاح) فرمايو ته هي ڪاتِبُ الحُرُوف فقير وليُّ الله پيدا ٿيو، شروع ۾ اهو واقعو ياد نه رهيو ته "وليُّ الله" نالو رکيو ويو ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ ياد آيو ته ٻيو نالو (حضرت خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان مطابق) قطب الدين احمد رکيو.[1]
الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## پهرين خيال تي چو نه نڪتؤ؟

الله پاڪ جي عطا سان حضرت شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دلين جا حال ڄاڻي وٺندا هئا جيئن حضرت خيرُ النَّساج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان پنهنجي گهر ۾ هيس ته دل ۾ خيال آيو ته حضرت شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دروازي تي تشريف وٺي آيا آهن پر مون ڌيان هٽائي ڇڏيو وري ٻئي پيرا ۽ ٽئين پيري به اهو ئي خيال

[1] انفاس العارفين ص 79

آيو، (ٻاهر) نڪتس تہ واقعي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه در تي هئا، مون کي فرمايائون: پهرين خيال تي چو نہ نڪتؤ![1]

سُبْحٰنَ الله! ڏنو اوهان! حضرت شيخ جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غيب جي خبر ارشاد فرمائي تہ پهرين خيال تي چو نہ نڪتؤ! "جڏهن ولين جي علم غيب جو هي حال آهي تہ مني مني مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم غيب جو چا تہ مقام ۽ مرتبو هوندو! حضرت امام بوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي جڳ مشهور "قصيده بُرده شريف" ۾ عرض ڪن ٿا:

فَاِنَّ مِنۡ جُوۡدِكَ الدُّنۡيَا وَضَرَّتَها     وَمِنۡ عُلُوۡمِكَ عِلۡمَ اللَّوۡحِ وَالۡقَلَمِ

(يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! دنيا ۽ آخرت ٻئي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جود ۽ بخشش مان هڪ حصو آهن ۽ لوح ۽ قلم جو علم (جنهن ۾ تمام مَاكَانَ وَمَايَكُون يعني جيڪو ٿيو ۽ جيڪو ٿيندو سڀ لکيل آهي) اوهان جي علم جو ئي حصو آهي.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

خدا نے کیا تجھ کو آگاہ سب سے     دو عالم میں جو کچھ خفی و جلی ہے
کروں عرض کیا تجھ سے اے عالِم السِّر     کہ تجھ پر مری حالتِ دل کھُلی ہے

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن شعرن ۾ فرمائن ٿا: (1) يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن ۾ جيڪو ڪجهه خَفي ۽ جَلي (يعني لڪيل ۽ ظاهر) آهي الله تعاليٰ ان ڪان اوهان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي (2) اي عالم السِّر (اي لڪيل

[1] رسالہ قشيريہ ص 274

حالتن کي ڄاڻڻ وارا!) اوهان سان ڇا عرض ڪيان اوهان تي تہ منهنجي دل جي سچي حالت ظاهر آهي.

گر دابِ بلا میں پھنس کے کوئی طیبہ کی طرف جب تکتا ہے
سلطانِ مدینہ خود آکر بگڑی کو بنایا کرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وفات کان پوءِ بہ نيڪي جي دعوت

سليمان عُمري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا تہ مون حضرت ابو جعفر قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رهيا هئا: منهنجي ڀائرن کي منهنجو سلام پهچائي ڇڏجو ۽ چئجو تہ منهنجي رب پاڪ مون کي شهيدن جو درجو عطا فرمايو آهي ۽ پنهنجي طرفان رزق عنايت فرمايو آهي ۽ ابوحازِم کي منهنجي طرفان سلام چئجو ۽ چئو تہ هوش ڪر ۽ سمجهداري کان ڪم وٺ چوتہ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا تنهنجي رات جي مجلسن کي ڏسندا آهن.[1]

## هڪ هزار رڪعت نماز کان افضل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي تہ حضرت ابو جعفر قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي وفات کان پوءِ "ابوحازم" جي صحبتن جي بہ خبر هئي ۽ بظاهر ائين لڳي ٿو تہ "ابوحازم" رات جو بري صحبتن ۾ ويهندا هوندا انهيءَ

[1] ڪتاب المنامات مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 3 ص 153 رقم 321

ڪري سلام ۽ پيغام جي ذريعي برين صحبتن کان خبردار ڪندي انهن کي ”نيڪي جي دعوت“ پيش ڪئي، بري صحبت کان اسان سيني کي بچڻ گهرجي جو انهن سان هڪ چڱو ڀلو انسان بہ بگڙي ويندو آهي، هميشہ نيڪ ٻانهن ۽ عاشقان رسول جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي. **حُجَّةُ الاِسلام حضرت امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيمياء سعادت ۾ فرمائن ٿا: اهڙي انسان کي تلاش ڪيو جنهن جي صحبت ۾ ڳالهين سان دنيا جي رغبت گهٽ ۽ آخرت ڏانهن طبعيت مائل ٿئي جنهن شخص جي ڳالهين ۾ اهڙو تاثير نہ هجي ان جي صحبت کي ”علمي مجلس“ نٿو چئي سگهجي، منقول آهي: علمي مجلسن ۾ حاضر ٿيڻ هڪ هزار رڪعت نفل پڙهڻ کان وڌيڪ افضل آهي.[1]

**حضرت مولانا روم** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَثْنَوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

یک زمانہ صحبت با اولیاء　　بہتر از صد سالہ طاعت بے ریا

(ٿوري دير جي لاءِ ولين جي صحبت ۾ ويهڻ سؤ سالن جي بي ريا (يعني خالص) عبادت کان بهتر آهي)

## ڪوئي ۽ ڏيڏر جي دوستي

**عارف بِالله حضرت مولانا روم** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بُري صحبت جا نقصان سمجهائيندي فرمائن ٿا: اتفاق سان هڪ ندي جي ڪناري تي

[1] ڪيمياء سعادت ص 161

هڪ ڪوئي جي ڏيڏر سان ملاقات ٿي وئي ۽ ٻنهي ۾ دوستي ٿي وئي، ڪوئي چيو ته ڪڏهن ملڻ جي دل چاهي ته اوهان ته وڏي پاڻي ۾ هوندا آيو جتي آواز به ناهي پهچندو ته اوهان کي خبر ڪيئن پئي؟ آخر اهو طئي ٿيو ته هڪ ڌاڳو ڪوئي جي پير ۾ ۽ ان جو ٻيو ڇيڙو ڏيڏر جي پير ۾ ٻڌو وڃي ته جيئن ضرورت پوڻ تي اطلاع جي ترڪيب ٿي وڃي، پوءِ ائين ڪيو ويو، هڪ ڏينهن اوچتو ڪانءُ ڪوئي تي جهٽ هڻي مٿي کڻي ويو ته ڏيڏر به ڌاڳي ۾ ٻڌل هئڻ جي ڪري ان سان گڏ ڇڪجي مٿي کڄي ويو، ڏيڏر چيو ته ڪوئي جهڙي ناجِنس (يعني نالائق) سان دوستي جي سزا آهي، خبر پئي ته ناجِنسن (نالائقن) ۽ بري بري صحبتن جي ڪري گهڻيون آفتون اينديون آهن.

اے فُغاں از یارِ ناجِنس اے فُغاں
ہَمنَشینِ نیک جُویَد اے مِہاں

(فرياد آهي! ناجنس (يعني نالائق) دوست کان فرياد آهي، اي دوستو! نيڪ ساٿي تلاش ڪريو)[1]

عاشقان رسول جي صحبتن ۾ ويهو انهن جي محبت ۽ صحبت سان خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاصل ٿيندو آهي، حديثِ قُدسي آهي:

وَجَبَتْ مَحَبَّتِيْ لِلْمُتَحَابِّيْنَ فِيَّ وَالْمُتَجَالِسِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَزَاوِرِيْنَ فِيَّ وَالْمُتَبَاذِلِيْنَ فِيَّ۔

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: جيڪي ماڻهو منهنجي ڪري پاڻ ۾

[1] مثنوي، دفتر ششم 285،267،266 بتغير

محبت رکن ٿا ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي وٽ ويهن ٿا ۽ پاڻ ۾ ملن جلن ٿا ۽ مال خرچ ڪن ٿا انهن سان منهنجي محبت واجب ٿي وئي.[1]

## حديث شريف بيان ڪرڻ واري مُبلغ جي حڪايت

حضرت عَبدان بن محمد مَروَزِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مون حافِظ يعقوب بن سُفيان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کي خواب ۾ ڏٺو ته پڇا ڪئي: مافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ فرمايو ته تون جيئن دنيا ۾ حديث بيان ڪندو هئين، آسمان تي به بيان ڪر، پوءِ مون چوٿين آسمان تي حديث شريف بيان ڪئي ۽ فِرشتن ان (حديث شريف) کي سونهري قلمن سان لکيو، حضرت جبرئيل عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام به لکڻ وارن ۾ شامل هئا.[2]

## والد مرحوم سبز لباس پائي مسڪرائي رهيا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته علماءِ دين ۽ حديثن جي مبلغن جو رتبو ڪيترو نه بلند آهي! جو وفات کان پوءِ مغفرت جي بشارت به عنايت ٿي ۽ چوٿين آسمان تي فرشتن جي وچ ۾ حديث شريف بيان ڪرڻ جي سعادت به ملي ۽ ان حديث شريف کي سونهري قلمن سان تحرير فرمايو، آخرت ۾ جنت جي طلب رکڻ وارؤ! اوهان به دعوت اسلامي جي سنتن ڀرين اجتماعن ۾

---

[1] موطّا امام مالڪ ج 2 ص 439 حديث 1828

[2] شرح الصدور ص 293

سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريي سفر جي ذريعي علم دين جو خزانو جمع ڪيو ۽ نيڪ اعمال تي عمل، سنتن ڀرين بيانن ۽ روزانو فيضانِ سنّت مان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ درس ڏئي جنّتُ الفِردوس جي حصول جي مسلسل ڪوشش جاري رکو، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: نشتر بستي (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو ڪجھ بيان ڪيو اهو ڪجھ تصرُّف سان عرض ڪيان ٿو: مون پنهنجي والد مرحوم کي خواب ۾ نهايت ڪمزوري جي حالت ۾ بَرَهْنَہ ڪنهن جي سهاري سان هلندي ڏٺو، مون کي ڳڻتي ٿي، مون ايصالِ ثواب جي نيّت سان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي ۽ سفر شروع بہ ڪيو، ٽئين مهيني مدني قافلي مان واپسي کان پوءِ جڏهن گهر سُتس تہ مون خواب ۾ هي دلڪش منظر ڏٺو تہ والد مرحوم سبز سبز لباس پائي مسڪرائي رهيا هئا ۽ انهن تي هلڪي هلڪي برسات ٿي رهي آهي، اَلحَمدلله مدني قافلي ۾ سفر جي اهميت مون تي خوب روشن ٿي ۽ هاڻي پڪي نيّت آهي تہ ان شاءَ الله هر مهيني ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول سان سفر جاري رکندس.

مانگو آ کر دُعا، قافلے میں چلو ۔۔۔ پاؤ گے مُدّعا، قافلے میں چلو
خوب ہو گا ثواب اور ٹلے گا عذاب ۔۔۔ ہو گا فضلِ خدا، قافلے میں چلو
نوکری ہو گئی، گُم گیا ہے کوئی ۔۔۔ مانگنے کو دُعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب ۔۔۔ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا خواب سان يقيني علم حاصل ٿي ويندو آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! سڀنا خواب بيشڪ سچا هوندا آهن، ياد رکو! نبي جا خواب وحي تي مشتمل هوندا آهن جڏهن ته غيرنبي جي خوابن جي اها حيثيت ناهي ۽ ان جو خواب حُجّت يعني دليل ناهي هوندو، مثلاً اوهان خواب ۾ بارگاهِ رسالت مان اها بشارت ٻڌي آهي ته ”اوهان جنّتي آهيو“ ان سان قطعي جنتي مراد نه ورتو ويندو ڇو ته خواب جو معاملو آهي، بيشڪ **الله** پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنهن خواب ۾ ڏٺو ان حق ڏٺو، شيطان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ صورت ۾ نٿو اچي سگهي، جيڪا ڳالهه ارشاد فرمائي اها به حق حق ۽ حق آهي، تڏهن به خواب ۾ جيئن ته حواس ڪمزور هوندا آهن انهيءَ ڪري يقين سان هي نٿو چئي سگهجي ته جيڪو ڪجهه فرمايو ويو اهو خواب ڏسڻ واري لفظ به لفظ درست ٻڌو، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلط فهمي جو امڪان موجود آهي، تنهنڪري خواب ۾ ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ کان پهريان شريعت جو حڪم ڏِسڻو پوندو، جيڪڏهن خواب واري ڳالهه شريعت سان نٿي ٽڪرائجي ته ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو تڏهن به خواب ۾ مليل حڪم تي عمل ڪرڻ شرعاً واجب ناهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهه خلاف شرع هجي ته عمل نٿو ڪري سگهجي، ان ڳالهه کي هن مثال مان سمجهو جنهن ۾

## خواب ۾ شراب پيئڻ جو حڪم ڏنو يا منع فرمايو؟

منهنجا آقاء اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص خواب ۾ ڏٺو ته جناب رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مَعاذ الله) ان کي شراب پيئڻ جو حڪم ڏئي رهيا آهن، امام جَعفر صَادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ معاملو پيش ڪيو ويو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايائون: "رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي، توکي اُلٽو ٻڌڻ ۾ آيو" ۽ هي به ياد رکيو وڃي ته ان معاملي ۾ فاسق ۽ مُتّقي برابر آهن، تنهنڪري نه ته مُتّقي جو خواب ۾ ڪنهن حڪم جو ٻڌڻ، ان حڪم جي صحيح هجڻ جو دليل آهي ۽ نه ئي فاسق جو بيان يقيني طور تي ڪوڙو.[1]

مرے تم خواب میں آؤ مرے گھر روشنی ہو گی
مری قسمت جگا جاؤ عنایت یہ بڑی ہو گی[2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن هڪ نوجوان کي وضو غلط ڪندي ڏٺو

هڪ بزرگ بغداد شريف جي ڪنهن علائقي کان گذري رهيو هو، انهن هڪ نوجوان کي ڏٺو جيڪو سنّي طريقي سان وضو نه ڪري رهيو هو ته پيار ڀري انداز سان ان کي فرمايائون: "اي

[1] ماخوذ از فتاوٰي رضويه مُخرجه ج 5 ص 100
[2] وسائلِ بخشش ص ۲۷۸

نوجوان! وضو نيڪ ڪريو، الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان تي احسان فرمائي“ اهو فرمائي ڪري پاڻ تشريف وٺي ويا، اهو نوجوان ان بزرگ جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي مني انداز سان بيحد متاثر ٿيو ۽ وضو کان پوءِ ان بزرگ جي خدمت ۾ حاضر ٿي نصيحت جا طالب ٿيا، انهن (نيڪي جي دعوت ڏيندي) ٿي مدني گل ارشاد فرمايا: (1) ڄاڻي وٺو! جنهن ربِّ ڪائنات جي مَعرفت (يعني الله تعالىٰ کي سڃاتو) انهيءَ نجات حاصل ڪئي (2) جنهن پنهنجي دين جي معاملي ۾ خوف ڪيو (يعني الله تعالىٰ کان ڊپ ڪيو) اهو تباهي کان بچي ويو (3) جنهن دنيا ۾ زُهد (يعني بي رغبتي) اختيار ڪئي اهو الله پاڪ جي طرفان سياڻي يعني حشر جي ڏينهن ثواب ڏسندو ته ان جون اکيون ٺڏيون ٿينديون، (وري فرمايو) ڇا وڌيڪ نه ٻڌايان؟ عرض ڪيائين: ضرور، فرمايائون: جنهن ۾ ٽي خوبيون جمع ٿي ويون ان جو ايمان مڪمل ٿي ويو: ﴿1﴾ جيڪو نيڪي جو حڪم ڏي ۽ پاڻ به ان تي عمل ڪري ﴿2﴾ برائي کان منع ڪري ۽ پاڻ به ان کان پاسو ڪري ۽ ﴿3﴾ جيڪو الله جي حدن جي حفاظت ڪري. (يعني شرعي احڪامن تي عمل ڪري ۽ شرعي ممنوعات کان پاڻ کي به بچائي) وري فرمايائون: ڇا ڪجهه ٻيو به ٻڌايان؟ عرض ڪيائين: ڇو نه ضرور ارشاد فرمايو: دنيا کان بي رغبتي ۽ آخرت جو شوق رکڻ وارا ٿي وڃو ۽ پنهنجي هر ڪم ۾ ربُّ الانام سان سچ جو معاملو ڪيو، نجات حاصل ڪرڻ

وارن سان گڏ نجات ملي ويندي، اهو فرمائي ڪري پاڻ تشريف وٺي ويا، ان نوجوان ان بزرگ جي باري ۾ معلومات ورتي ته انهن کي ٻڌايو ويو: اهي حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هئا.[1] الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اجائي تنقيد ڪرڻ بدران اصلاح ڪرڻ وارا بڻجو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ڪروڙن شافِعين جي پيشوا حضرت محمد بن اِدرِيس المعروف "امام شافعي" رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيڏي نه محبت ۽ شفقت سان انفرادي ڪوشش فرمائي ۽ سني طريقي سان وضو نه ڪندڙ نوجوان جي وضو جي اصلاح به ڪئي ۽ ان کي نيڪي جي دعوت به ڏني، ڪاش! اسان به اهو انداز اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، اسان کي به اها توفيق نصيب ٿي وڃي ته جڏهن ڪنهن جي وضو ۾ غلطيون ۽ نماز ۾ ڪوتاهيون ڏسون، ڪوڙ، غيبت ۽ چغلي جي گناهن ۾ ڪنهن کي مبتلا ڏسون ته پريٺ ان تي اجائي تنقيد ۽ ان جي برائي ڪري پاڻ کي غيبت جي اونهي کڏ ۾ اڇلائڻ جي بدران ان کي گناهن جي دلدل مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيون، نهايت نرمي ۽ پيار سان ان کي سمجهائڻ، آخرت جي ثواب جا خزانا حاصل ڪرڻ وارا بڻجون، اسان خلوص نيت سان سمجهائينداسين ته ان شاءَ الله

[1] احياءُ العلوم ج 1 ص 45 بتغير

ان جو ضرور فائدو ٿيندو ۽ فائدو ڇونہ ٿيندو، سمجھاڻ جي فائدي پهچاڻ جو پاڻ ربّ تعاليٰ پنهنجي سچي ڪلام ۾ اِعلان فرمائي چڪو(يعني خبر ارشاد فرمائي چڪو آهي) جيئن دعوت اسلامي جي ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 964 سيپاري 27 سورة الذّرِيٰت آيت نمبر 55 ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾ | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجھاءِ جو سمجھاڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو. |

جسے نیکی کی دعوت دوں، سنے دل سے کرم یا رب!
زَباں میں دے اثر کر دے، عطا زورِ قَلَم یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وضوءَ جو طريقو (حنفي)

پيارا اسلامي ڀائرو! مذڪور حڪايت ۾ حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نوجوان جي وضو جي اصلاح جو تذڪرو آهي، جڏهن ان دؤر ۾ ماڻهو وضو ۾ غلطيون ڪري ويندا هئا تہ اڄ جو دور تہ ان کان بہ وڌيڪ نازڪ آهي بلڪ هن ڳالھ جو مشاهدو بہ آهي تہ مسلمانن جي اڪثريت درست طريقي سان وضو ڪرڻ بہ نٿي ڄاڻي، تنهنڪري اڇو! اسان بہ وضو جو طريقو سکون ٿا: دعوت اسلامي جي مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نماز جا احڪام“ صفحي 7 کان

13 تي آهي: كَعبَۃُاللّٰه شريف ڏانهن منهن ڪري مٿاهين جڳهه تي ويهڻ مُستَحب آهي. وُضوءَ جي لاءِ نيّت ڪرڻ سنّت آهي، نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي، دل ۾ نيّت هوندي زبان سان بہ چوڻ افضل آهي، تنهنڪري زبان سان هن طرح نيّت ڪريو تہ مان الله پاڪ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهيو آهيان، بِسمِ اللّٰه چئي ڇڏيو جو اها بہ سنّت آهي، بلڪ بِسْمِ اللّٰه وَالحَمْدُلِلّٰه چئو جو جيستائين باوضو رهندا فرشتا نيڪيون لکندا رهندا.[1] هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي دفعا ڪرائين تائين ڌوئو، (ٽونٽي کي بند ڪري) ٻنهي هٿن جي آڱرين جو خِلال بہ ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽي ڀيرا ساڄي ڪاٻي هيٺ مٿي ڏندڻ ڪيو ۽ هر ڀيري ڏندڻ کي ڌوئو، حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: ”ڏندڻ ڪرڻ وقت نماز ۾ قرآن شريف جي قِرَاءَت ۽ الله پاڪ جي ذِڪر لاءِ وات کي پاڪ ڪرڻ جي نيّت ڪرڻ گهرجي.“[2] پوءِ ساڄي هٿ سان ۽ ٽن ٻُڪن جيتري پاڻيءَ سان(هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) اهڙي طرح ٽي ڳرڙيون ڪريو جو هر ڀيري وات جي هر حصي تائين حلقي جي ڪناري تائين پاڻي پهچي وڃي جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ ڳُرڙا بہ ڪريو، پوءِ ساڄي هٿ جي ٽي ٻُڪن(هاڻي هر ڀيري اڌ ٻُڪ پاڻي ڪافي آهي) سان (هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) ٽي ڀيرا نڪ ۾

---

[1] مجمعِ الزوائد ج 1 ص 513 حديث 1112
[2] احياء العُلوم ج 1 ص 182

نرم هڏي تائين پاڻي پهچايو ۽ جيسيتائين روزو نه هجي ته نڪ جي پاڙ تائين پاڻي پهچايو. هاڻي (ٽونٽي بند ڪري) ڪابي هٿ سان نڪ صاف ڪريو ۽ ڇيچ نڪ جي سوراخن ۾ وجهو. ٽي ڀيرا سڄو چهرو اهڙيءَ طرح ڌوئو، جو جتان (يعني پيشاني) ڪان قدرتي طور تي مٿي جا وار ڦٽڻ شروع ٿيندا آهن اُتان ڪان ڪاڏيءَ جي هيٺيان تائين ۽ هڪ ڪن جي پاپڙي ڪان ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين هر جڳهه تي پاڻي وهي وڃي. جيڪڏهن ڏاڙهي هجي ۽ اِحرام ٻَڌل ناهي ته (ٽونٽي بند ڪرڻ ڪان پوءِ) اهڙيءَ طرح خِلال ڪريو جو آڱريون ڳلي واري پاسي ڪان داخل ڪري سامهون واري پاسي ڪان ڪڍو، پوءِ پهريان ساڄي ٻانهن آڱرين جي منڍن ڪان ڌوئڻ شروع ڪري نونين سميت ٽي ڀيرا ڌوئو، اهڙيءَ طرح پوءِ ڪابي ٻانهن ڌوئو. ۽ ٻئي هٿ اڌ ٻانهن تائين ڌوئڻ مُستَحب آهي. گهڻا ماڻهو پاڻيءَ جي ٻُڪ ڪٽي ڪراين ڪان ٽي ڀيرا ڇڏي ڏيندا آهن جيڪو نوڙ تائين وهندو ويندو آهي ائين ڪرڻ سان نونين ۽ ڪاراين جي پاسن تي پاڻي نه پهچڻ جو انديشو آهي تنهنڪري بيان ڪيل طريقي مطابق هٿ ڌوئو، هاڻي ٻُڪ ڀري نوڙ تائين پاڻي وهائڻ جي ضرورت ناهي بلڪ (بنا اجازت ائين ڪرڻ) پاڻيءَ جو اِسراف آهي. هاڻي (ٽونٽي بند ڪري) مٿي جو مسح اهڙيءَ طرح ڪيو جو ٻئي آڱوٺا ۽ شهادت واريون آڱريون ڇڏي ٻنهي هٿن جي ٽن ٽن آڱرين جا ڪنارا هڪ ٻئي سان ملايو ۽ پيشاني جي وارن يا کَل تي رکي

متي ڪياڙيءَ تائين اهڙيءَ طرح ڪٽي وڃو جو ٽِريون متي کان الڳ رهن ۽ وري ڪِياڙيءَ سان ٽِريون ملائي پيشاني تائين آڻيو ۽ شهادت واريون آڱريون ۽ آڱوٺا ان دؤران متي سان بلڪل نہ لڳن ۽ پوءِ شهادت واري آڱرين سان ڪنن جي اندروني حصي جو ۽ آڱوٺن سان ڪنن جي ٻاهرين حصي جو مسح ڪريو ۽ ڇيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪريو ۽ آڱرين جي پوئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين حصي جو مسح ڪريو، ڪجهہ ماڻهو ڳِلي جو ۽ ڌوتل هٿن جي ٺونٺين ۽ ڪراين جو مسح ڪندا آهن اها سنّت ناهي.[1] تي مسح جو هڪ طريقو هي بہ تحرير آهي: هن ۾ خاص ڪري اسلامي ڀينرن جي لاءِ گهڻي سهولت بہ آهي جيئن تہ لکيل آهي: "متي جي مسح ڪرڻ ۾ سنت جي ادائگي جي لاءِ هي بہ ڪافي آهي تہ آڱريون متي جي اڳين حصي تي رکي ۽ ٽريون متي جي پاسي تي ۽ هٿ جمائي ڪري وٺي وڃي." متي جو مسح ڪرڻ کان اڳ ٽونٽي چڱيءَ طرح بند ڪرڻ جي عادت بڻايو، بنا سبب ٽونٽي کليل ڇڏي ڏيڻ يا ٿورو بند ڪرڻ، جو پاڻي ٽِمندو رهي اسراف ۽ گناهہ آهي. پهريان ساڄو پوءِ کاٻو پير هر پيري آڱرين کان شروع ڪري پيڏين کان متي تائين بلڪ مُستَحب آهي تہ اڌ پِنين تائين ٽي ٽي پيرا ڌوئي ڇڏيو، ٻنهي پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ سنّت آهي. (خِلال جي دؤران ٽونٽي بند رکو) ان جو مُستَحب طريقو اهو آهي تہ کاٻي هٿ جي ڇيچ سان ساڄي پير جي ڇيچ جو خِلال شروع

---

[1] فتاويٰ رضويہ جلد 4 ص 621

ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ ڪابي هٿ جي چيچ سان ڪابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ تي ختم ڪريو.[1]

حضرت اِمَام مُحَمَّد غَزَالِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”هر عُضوي کي ڌوئڻ وقت اها اميد ڪندو رهي ته منهنجي هن عضوي جا گناهہ نڪري رهيا آهن.“[2]

## وضو جي بچيل پاڻي ۾ 70 بيمارين کان شفا

لوٽي وغيره سان وضو ڪرڻ کان پوءِ بچيل پاڻي بيهي ڪري پيئڻ سنّت بہ آهي تہ شِفا بہ، جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ”فتاويٰ رضويہ“ مُخَرَّجہ جلد 4 صفحي 575 کان 576 تي فرمائن ٿا: وضو جي بچيل پاڻي جي لاءِ شرعاً عظمت ۽ احترام آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وضو فرمائي ڪري باقي بچيل پاڻي بيهي ڪري پيتو ۽ هڪ حديث ۾ روايت ڪيو ويو تہ هن جو پيئڻ ستر بيمارين کان شفا آهي.[3] تہ اهو ان اُمور (يعني معاملن) ۾ آبِ زَمۡزَم سان مُشابَهَت رکي ٿو، اهڙي(يعني وضو جي بچيل) پاڻي سان اِسۡتِنجا مناسب ناهي، ”تنويرالابصار“ جي آدابِ وضو ۾ آهي: ”وضو کان پوءِ وضو جو بچيل پاڻي قبلي رخ بيهي ڪري پيئو“.[4] علامہ عبدالغني نابُلسِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

---

[1] عامہ ڪُتب

[2] ملخصًا احياء العلوم ج 1 ص 183

[3] الفردوس ج 2 ص 362 حديث 3617

[4] تنويرِ الابصار ج 1 ص 275

مون تجربو ڪيو آهي ته جڏهن بيمار ٿيان ٿو ته وضو جي بچيل پاڻي مان شفا حاصل ٿي ويندي آهي. نبي صادق صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان صحيح طبِ نبوي مان مليل ارشاد گرامي تي اعتماد ڪري مون اهو طريقو اختيار ڪيو آهي.[1]

وَاللّٰهُ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعالٰی اَعلَم بِالصَّواب۔

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنت جا اَٺَ ئي دروازا کُلي ويندا آهن

**حديثِ** پاڪ ۾ آهي: ”جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪٽي ڪلمو شهادت پڙهيو ته ان جي لاءِ جنت جا اَٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي وڃي.“[2]

## نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿئي

جيڪو وضوءَ کان پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪري سوره اِنَّا اَنۡزَلۡنٰهُ پڙهندو اِنۡ شَآءَاللّٰه ان جي نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي.[3]

## وضوءَ کان پوءِ سورهٴِ قدر پڙهڻ

**حديثِ** پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو وضوءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو سُورهءِ قدر پڙهندو ته اهو صديقن مان آهي ۽ جيڪو ٻه ڀيرا پڙهندو ته

[1] ردالمحتار ج 1 ص 277
[2] سنن دارمي ج 1 ص 196 حديث 716
[3] مسائل القرآن ص 291

شهيدن ۾ شُمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو ٽي ڀيرا پڙهندو ته **الله پاڪ** مَحشر جي ميدان ۾ ان کي پنهنجي نَبِيَّن سان گڏ رکندو.“[1]

## وضو ڪان پوءِ پڙهڻ جي دعا

جيڪو وضو ڪرڻ کان پوءِ هي ڪلمات چوي

| | |
|---|---|
| سُبۡحٰنَکَ اللّٰھُمَّ وَبِحَمۡدِکَ اَشۡھَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُکَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡکَ | ترجمو: اي الله تون پاڪ آهين ۽ تنهنجي لاءِ تمام خوبيون آهن مان گواهي ڏيان ٿو توکان سواءِ ڪو معبود ناهي، مان توکان بخشش چاهيان ٿو ۽ تنهنجي بارگاهه ۾ توبه ڪيان ٿو. |

ته ان تي مهر لڳائي عرش جي هيٺ رکيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان پڙهڻ واري کي ڏنو ويندو.[2]

## وضو ڪان پوءِ هيءَ دعا به پڙهي وٺو

| | |
|---|---|
| اَللّٰھُمَّ اجۡعَلۡنِیۡ مِنَ التَّوَّابِيۡنَ وَاجۡعَلۡنِیۡ مِنَ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ[3] | ترجمو: اي الله مون کي ڪثرت سان توبهه ڪرڻ وارن ۾ بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر. |

## 40 مدني گُل جو رضوي گلدستو

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان

---

[1] جمع الجوامع للسيوطي ج 7 ص 251 حديث 22817

[2] شعب الايمان ج 3 ص 21 رقم 2754

[3] سنن ترمذي ج 1 ص 121 حديث 55

رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو وضو وغيره جي باري ۾ عنايت ڪيل مختلف رنگ برنگي خوشنما 40 مدني گلن جو رضوي گلدستو قبول فرمايو، اوهان جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو، هي تمام مدني گل فتاويٰ رضويہ مُخَرَّجہ (جلد 4) جي آخر ۾ ڏنل ”فوائد جليلہ“ صفحي 613 کان 746 تان ورتا ويا آهن. ۞ وضو ۾ اکيون زور سان بند نہ ڪري پر وضو ٿي ويندو (ص 613) ۞ جيڪڏهن لب (يعني چپ) زور سان بند ڪري وضو ڪيو ۽ گرڙي نہ ڪئي تہ وضو ئي نہ ٿيو (ايضاً ص 614) ۞ وضو جو پاڻي قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پُڙ ۾ رکيو ويندو. (ايضاً) (پر ياد رهي! ضرورت کان وڌيڪ پاڻي ڪيرائڻ اسراف آهي) ۞ مِسواڪ موجود هجي تہ آڱر سان ڏند مهٽڻ سنّت ادا ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ناهي، ها مسواڪ نہ هجي تہ آڱر يا کُردري ڪپڙي سان سنّت جي ادائگي ٿي ويندي ۽ عورتن جي لاءِ مسواڪ موجود آهي تڏهن مساڳ ڪافي آهي. (ايضاً ص 615) ۞ مُنديءَ جيڪڏهن کِهرکِهلي هجي تہ وضو ۾ ان کي گهمائي ڪري پاڻي وجهڻ سنت آهي ۽ تنگ هجي تہ بنا چورَڻ جي پاڻي نہ پهچي تہ فرض آهي، اهو ئي حڪم والي (يعني ڪن جي زيور) وغيره جو آهي. (ايضاً ص 616) ۞ عضوا مهٽي مهٽي ڪري ڌوئڻ وضو ۽ غسل ۾ سنت آهي. (ايضاً) وضو جي عضون کي ڌوئڻ ۾ حدِّ شرعي ايتري خفيف تحرير (يعني هر پاسي کان معمولي) وڌائڻ جنهن سان حد شرعي جي اِسۡتِعياب (يعني مڪمل ٿيڻ) ۾ شڪ نہ رهي واجب آهي.(ايضاً) ۞

وضو ۾ گرڙي يا نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جو ترڪ ڪرڻ مڪروهه آهي ۽ ان جي عادت بڻائي تہ گنهگار ٿيندو، هي مسئلو اهي ماڻهو خوب ياد رکن جيڪي اهڙيون گرڙيون نٿا ڪن جيڪي نڙي تائين هر شيء کي ڌوئن، ۽ اهي جنهن جي نڪ کي پاڻي(فقط) لڳي گذرندو آهي چڪي ڪري مٿي نٿا ڪڍن اهي سڀ ماڻهو گنهگار آهن ۽ غسل ۾ ائين نہ ڪيو تہ شروع کان غسل بہ نہ ٿيو نہ ئي نماز (ص616) ۞ وضو ۾ هر عضوي جو ٽي ڀيرا ڌوئڻ سنت مؤڪّده آهي، ترڪِ عادت سان گنهگار ٿيندو. (ايضاً) ۞ وضو ۾ جلدي نہ ڪري بلڪ اطمينان ۽ احتياط سان ڪري. عوام ۾ جيڪو مشهور آهي تہ ”وضو جوانن جهڙو نماز پوڙهن جهڙي“ هي وضو جي باري ۾ غلط آهي. (ايضاً ص 617) ۞ چهرو ڌوئڻ ۾ پاڻي نہ ڳلن تي وجهي نہ نڪ تي، نہ زور سان پيشاني تي، هي سڀ افعال جاهلن وارا آهن بلڪ آهستگي سان پيشاني جي مٿئين حصي کان ڪاڏي کان هيٺ تائين وهندو اچي. (ايضاً ص 618) ۞ وضو ۾ چهري تان ڪرندڙ پاڻي مثلاً ڪرائي تي ورتو ۽ (ڪرائي تي) وهائي ڇڏيو (يعني چهرو ڌوئڻ سان چهري تان ڪرندڙ پاڻي سان هٿ جي ڪرائي نٿا ڌوئي سگهو) ان سان وضو نہ ٿيندو ۽ غسل ۾ (معاملو جدا آهي) مثلاً مٿي جو پاڻي پيرن تائين جتان جتان گذرندو پاڪ ڪندو ويندو اتي نئين پاڻي جي ضرورت ناهي. (618) ۞ ڪو وضو ڪرڻ وينو تہ ڪنهن مانع (يعني رڪاوٽ) جي ڪري مڪمل نہ ڪري سگهيو تہ جيترا افعال

ڪيا ان تي ثواب ملندو جيتوڻيڪ وضو نہ ٿيو. (ايضاً) ۞ جنهن پاڻ ئي ارادو ڪيو تہ اڄ وضو ڪندس تہ ان کي انهن افعالن تي ثواب نہ ملندو ائين جيڪو وضو ڪرڻ لاءِ وينو ۽ بنا عذر جي ناقص (يعني اڌ ۾) ڇڏي ڏنو تہ ان بہ جيترا افعال بجا آندا انهن تي ثواب جو مستحق نہ ٿيڻ ڪپي.(ايضاً) ۞ جيڪڏهن مٿي تي برسات جون بوندون ڪريون تہ چوٿائي مٿو پسي ويو تہ مسح ٿي ويو جيتوڻيڪ ان شخص هٿ لڳايو يا قصد نہ (يعني نيت يا ارادو نہ) ڪيو. (ايضاً ص 619) ۞ ماڪ ۾ مٿي اگهاڙي وينو ۽ ان جو مٿو چوٿائي جي برابر پسي ويو تہ مسح ٿي ويو (ايضاً) ۞ ايتري گرم يا ايتري ٿڌي پاڻي سان وضو مڪروهہ آهي جيڪو بدن تي چڱي طرح نہ وجهي سگهجي، سنت مڪمل ڪرڻ نہ ڏي ۽ جيڪڏهن ڪو فرض پورو ڪرڻ کان رڪاوٽ بڻيو تہ وضو ئي نہ ٿيو. (ايضاً ص 620) ۞ پاڻي فضول ضايع ڪرڻ يا اڇلائڻ حرام آهي. (ايضاً ص 621) (پنهنجي يا ٻين جي پيئڻ کان پوءِ گلاس يا جڳ جو پاڻي خوامخواه اڇلائڻ وارا توبہ ڪن ۽ آئنده ان کان بچن) ۞ ڏُن مان پيلو پاڻي وهي نڪتو تہ وضو ويندو رهيو (ايضاً ص 622) ۞ رت يا پونءُ اک مان وهي پر اک کان ٻاهر نہ نڪتي تہ وضو نہ ويندو، ان کي ڪپڙي سان اگهي ڪري پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو تہ (پاڻي) ناپاڪ نہ ٿيندو. (ايضاً ص 624) ۞ زخم تي پٽي ٻڌي ان ۾ خون وغيره لڳي ويو جيڪڏهن ان قابل هو جو بندش نہ هجي ها تہ وهي وڃي تہ وضو ويندو رهيو، نہ تہ نہ، نہ پٽي ناپاڪ

(ص624) ۞ قطرو آيو يا رت وغيره ذڪر(يعني عضو تناسُل) جي اندر وهيو جيستائين ان جي سوراخ کان ٻاهر نه آيو ته وضو نه ويندو ۽ پيشاب جو صرف سوراخ جي مُنڍ تي چمڪڻ (وضو ٽوڙڻ جي لاءِ) ڪافي آهي. (ايضاً) ۞ نابالغ نه ڪڏهن بي وضو ٿئي نه جُنُب (يعني بي غسل) انهن (يعني نابالغن کي) وضو ۽ غسل جو حڪم عادت ٻڌائڻ ۽ آداب سيکارڻ جي لاءِ آهي، نه ته ڪنهن حدث (يعني وضو ٽوڙڻ واري عمل) سان انهن جو وضو نه ويندو، نه جِماع سان انهن تي غسل فرض ٿيندو. (ايضاً ص 633) ۞ باوضو ماءَ پيءُ جا ڪپڙا يا انهن جي ڪائڻ لاءِ ميوا يا مسجد جو فرش ثواب جي لاءِ ڌوتو پاڻي مستعمل نه ٿيندو جيتوڻيڪ هي افعال قُربت(يعني رضاءِ الٰهي) جا آهن. (ايضاً ص 636) ۞ نابالغ جو پاڪ هٿ يا بدن جو ڪو جُز جيتوڻيڪ بي وضو هجي پاڻي ۾ وجهڻ سان (پاڻي) وضو جي قابل رهندو. (ايضاً ص 637) ۞ بدن کي صاف رکڻ، مَرُ پري ڪرڻ، شريعت ۾ مطلوب آهي جو اسلام جو بنياد سُٿرائي (يعني پاڪيزگي ۽ صفائي) تي آهي، باوضو انهيءَ نيت سان بدن ڌوئي ته قُربت (يعني ثواب جو ڪم) آهي پر پاڻي مُسۡتَعمَل نه ٿيو. (ايضاً) ۞ مُسۡتَعمَل پاڻي پاڪ آهي ان سان ڪپڙا ڌوئي سگهو ٿا پر ان سان وضو نٿو ٿي سگهي ۽ ان جو پيئڻ يا ان سان اٽو ڳوهڻ مڪروه (تنزيهي) آهي. (ايضاً ص 637) ۞ پرايو پاڻي بنا اجازت کڻي ويو جيتوڻيڪ زبردستي يا چورائي ڪري ان سان وضو ٿي ويندو پر حرام آهي البت ڪنهن مملوڪ

(يعني ملڪيت واري) کوھ مان ان جي منع ڪرڻ باوجود پاڻي
پري ورتو تہ ان جو استعمال جائز آھي. (ايضاً ص 650) ۞ جنھن
پاڻي ۾ ماءِ مُسْتَعمَل جي وھڪ پھتي يا واضح قطرا ڪِريا ان
سان وضو نہ ڪرڻ بھتر آھي. (ايضاً) ۞ سياري ۾ وضو ڪرڻ
سان گھٽو سيءُ معلوم ٿئي ان سان تڪليف ٿيندي پر ڪنھن
مرض جو انديشو ناھي تہ تَيَمُّم جي اجازت ناھي. (ايضاً ص 662) ۞
شيطان جي ٺڪ ۽ ڦوڪ سان نماز ۾ قطري ۽ ريح جو شبھو
ٿي وڃي تہ حڪم ھي آھي جيستائين ائين يقين نہ ٿي وڃي
جنھن تي قسم کڻي وڃي ان (وسوسي) جو لحاظ نہ ڪري،
شيطان چوي تہ تنھنجو وضو ويندو رھيو تہ دل ۾ جواب ڏي تہ
خبيث تون ڪوڙو آھين ۽ پنھنجي نماز ۾ مشغول رھي. (ايضاً ص
697) ۞ مسجد کي ھر ڪراھت واري شيءِ کان بچائڻ واجب
آھي جيتوڻيڪ پاڪ ھجي جيئن لعابِ دھن (وات جي گگ، ٿڪ
بلغم) آب بيني (مثلاً سنگھ يا نزلي جو وھڻ وارو پاڻي) وضو جو
پاڻي (ايضاً ص 706) ۞ **تَنبِيه:** ڪجھ ماڻھو وضو کان پوءِ پنھنجي
چھري ۽ ھٿن تان پاڻي اگھي مسجد ۾ ھٿ ڇنڊيندا آھن (ھي
ڪم) بلڪل حرام ۽ ناجائز آھي. (ايضاً) ۞ پاڻي ۾ پيشاب ڪرڻ
مطلقاً مڪروھ آھي جيتوڻيڪ دريا ۾ ھجي. (ايضاً ص 725) ۞ جتي
ڪا نجاست ھجي تلاوت مڪروہ آھي (ايضاً ص 727) ۞ پاڻي ضايع
ڪرڻ حرام آھي.(ايضاً ص 728) ۞ مال ضايع ڪرڻ حرام آھي. (ايضاً ص
728) ۞ زم زم شريف سان غسل ۽ وضو بلاڪراھت جائز آھي

(۽ پيشاب وغيره ڪري) **پتر** (سان خشڪ ڪرڻ) **ڪان پوءِ** (آب زم زم سان) **اِستِنجا مڪروه ۽ نجاست ڌوئڻ** (مثلاً پيشاب ڪان پوءِ ٽشو پيپر وغيره سان سڪائڻ بغير) **گناهه** (ايضاً ص 742) ۞ (اهو) **اِسراف جيڪو ناجائز گناهه آهي** (اهو) **صرف** (ان) **ٻن صورتن ۾ ٿيندو آهي هڪ هي ته ڪنهن گناهه ۾ صرف** (يعني خرچ) **۽ استعمال ڪيون، ٻيو بيڪار صرف مال ضايع ڪيون.** (ايضاً ص 743) ۞ **غسلِ ميت سيڪارڻ جي لاءِ مرد ڪي وهنجاريو ۽ ان ڪي غسل ڏيڻ جي نيت نه ڪئي اهو به پاڪ ٿي ويو ۽ زنده ماڻهن ڪان به فرض لهي ويو جو فعل بالقصد ڪافي آهي، ها بغير نيت ثواب نه ملندو.** (ايضاً ص 707)

دین کی باتیں رہوں سنتا سناتا یا خُدا
اور رہوں اِس پر عمل کرتا کراتا یا خُدا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

وضو جا ضروري احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ "نماز جا احڪام" ۾ شامل رسالو وضو جو طريقو (حنفي) جو ضرور مطالعو فرمايو .

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net